يادگار

# سنڌي ٻوليءَ جي سکيا

سي- ٽي ڪورس لاءِ

مصنف

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي
ايم- اي (سنڌي) پي- ايڇ- ڊي

يادگار پبلشرز
يادگار لين حيدرآباد
فون: ٢٤٤٩٨

يادگار

# سنڌي ٻوليءَ جو سڪيا

(سي-ٽي) ڪلاس ل

Ishaque Ursani Library
ڪتاب نمبر 263
تاريخ
محمد اسحاق عرساڻي

مصنف

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي
ايم-اي (سنڌي) پي-ايڇ-ڊي

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

يادگار پبلشرز
يادگار نين حيدرآباد
فون ٢٤٤٩٨

# فهرست


| باب | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| پهريون | مادري زبان ڇا کي چئجي؟ ان جي اهميت ۽ مقصد بيان ڪريو. | ۱۹-۱ |
| ٻيون | مادري زبان جو ٻين نصابي مضمونن سان ڳانڍاپو. | ۲۴-۲۰ |
| ٽيون | مادري زبان پاڙهڻ جا مقصد | ۲۹-۲۵ |
| چوٿون | ٻڌڻ | ۳۴-۳۰ |
| پنجون | ڳالهائڻ | ۴۸-۳۵ |
| ڇهون | پڙهڻ | ۵۹-۴۹ |
| ستون | مطالعو ۽ ان جا مسئلا | ۷۲-۶۰ |
| اٺون | سنڌي ڪيئن پڙهائجي | ۸۶-۷۳ |
| نائون | لکڻ | ۹۴-۸۷ |
| ڏهون | سکيا جون امدادي شيون | ۱۰۷-۹۶ |
| يارهون | لساني ڪم ۽ مشغوليون | ۱۱۸-۱۰۸ |
| ٻارهون | سبق جو خاڪو | ۱۴۱-۱۱۹ |
| تيرهون | جائزو (ڇڪاس) | ۱۵۰-۱۴۲ |
| چوڏهون | سنڌي ذريعہ تعليم جي واڌاري ۾ چند رڪاوٽون ۽ انهن جو سد-باب | ۱۵۶-۱۵۱ |

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

## باب پهريون

# مادري زبان، ڇا کي چئجي؟ ان جي اهميت ۽ مقصد بيان ڪريو

تعليم ۽ سکيا ۾ مادري زبان هڪ وڏي اهميت رکي ٿي، پر سڀ کان پهرين اهو معلوم ڪنداسون ته تعليم جو بنيادي طور صحيح مفهوم ڪهڙو آهي؟ اسان جي ملڪ ۾ تعليمي ترقي ۾ ڪهڙا قومي مقصد شامل ڪيا ويا آهن، جنهن کان پوءِ اها ڳالهه خودبخود ظاهر ٿي پوندي، ته ملڪي ترقيءَ توڙي تعليمي ڦهلاءَ ۾ مادري زبان هڪ اڻ ٽر ۽ ضروري وسيلي جي حيثيت رکي ٿي.

### تعليم جو مفهوم

علم اها واحد شيءِ آهي، جنهن ڪري انسان ذات جي تهذيب ۽ تمدن ۾ واڌارو آيو آهي ۽ انسان، ترقيءَ ۽ ڪمالات جي اوچي منزل تي رسيو آهي. علم پرائڻ کان سواءِ انسان ڪامل بڻجي نٿو سگهي، بي علمي بدترين جهالت آهي. صرف تعليم ئي آهي جيڪا انسان جي دل ۽ دماغ کي منور ڪري ٿي. حضرت محمد صلى الله عليه وسلم جن فرمايو آهي ته ”علم حاصل ڪريو، پوءِ ڇو نه ڪٿي چين ولائت وڃڻو پوي“ يا علم پرائڻ

”پينگهي ڪان قبر تائين“ حضرت علي ڪرم الله وجهه جن جو قول آهي ته ”حڪمت مسلمانن جي وڃايل وٿ آهي، جيڪا جتان به هٿ لڳي اتان حاصل ڪجي.“

تعليم جو مفهوم اهو آهي ته مادي ترقيءَ کان علاوه انسان روحاني عظمتن مان بهرور ٿئي. هو دنيا ۾ رهڻ ۽ زندگي گهارڻ جو بهتر ڍنگ سکي انسان اهڙي ته خوشگوار ماحول جو طالب ٿئي، جتي زندگيءَ جون خوشيون ۽ آسائشتون ته هجن پر ساڳي وقت اتي اخوت ۽ رواداريءَ وارو جذبو به هجي انسان ۾ انفراديت سان گڏ اجتماعي ذميوارين جو احساس به پيدا ٿئي. تعليم جو مقصد رڳو زندگي گهارڻ جو سليقو سکڻ ناهي، بلڪ هڪ پرپور ۽ ڪامياب خوشين سان ڀريل زندگي گهارڻ آهي. افلاطون جو چوڻ آهي ته: ”تعليم اهو نور آهي جيڪو دل ۽ دماغ کي ڪيترن نون طرفن کان آشنا ڪري ٿو ۽ اهڙي روشني آهي، جيڪا جهالت ۽ ڪٽرپڻي جي غبار کي ڪافور ڪريو ڇڏي.“ رسڪن جو چوڻ آهي ته: ”تعليم جو مقصد رڳو ماڻهن کي اڻڄاتل شين ۽ واقعن بابت علم عطا ڪرڻ ناهي، بلڪ کين خوشگوار زندگيءَ جو ڍنگ ٻڌائڻ آهي، جنهن کان هو محروم آهن.“

اسان وٽ تعليمي نصاب جو مکيه مقصد اهو بيان ڪيو ويو آهي، ته نئين نسل کي پنهنجي تهذيب ۽ تمدن کان روشناس ڪجي ۽ کين ان جو هيراڪ بڻائجي. اهڙيءَ طرح جو نوجوان پنهنجي زندگيءَ کي ملڪ جي تهذيب سان هم آهنگ ڪري سگهن، نه رڳو ايترو بلڪ هو ان جي بقا، حفاظت ۽ اوسر کي پنهنجو نصب العين ڪري ڇڏين دراصل اها زبان ئي آهي، جيڪا ڪنهن علائقي اندر اتي جي رهاڪن جي خيالن عقيدن، پسند ۽ نا پسند جي معيار کان سواءِ رسم رواج، طور

شاعريءَ جو درجو حاصل آهي. اسان وٽ اصل کان عروضي فن ۾ به بليغ گو شاعر ٿي گذريا آهن، جن غزل، مثنوي، مسدس، مرثيا، نظم، رباعي مطلب ته هر صنف سخن ۾ ڪاميابيءَ سان طبع آزمائي ڪئي ۽ سخن سنجيءَ سان سنڌي زبان کي لطافت ۽ شيريني بخشي. سانگي، واصف، اڀوجهو، بلبل، بيوس عزيز وغيره ڪيترن ئي شاعرن جون ڪليات ۽ ديوان پنهنجو مٽ پاڻ آهن. موجوده دور ۾ مزيد تجربن سان سنڌي شاعريءَ جي فن ۽ هيئت ۾ تمام گهڻي وسعت پيدا ٿي آهي ۽ نون شاعرن پنهنجي جذبن، ڪيفيتن، تجربن ۽ مشاهدن لاءِ مختلف صورتون نروار ڪيون آهن. هن دور ۾ آڳاٽين صنفن وائي ۽ بيت جي به تجديد ٿي آهي. غزل ۽ نظم جي به روايتي واٽ ڇڏي نئين انداز کان لکيا ويا آهن. ازانسواءِ گيت ۽ دوهلي کي به وري اجاريو ويو آهي. ازانسواءِ جتـــي، ٽيڙو، چونڪ ۽ پنجڪڙا جهڙيون نيون شاعريءَ جون صنفون ايجاد ڪيون ويون آهن، اتي وري غير ملڪي ٻولين جي بعض، صنفن، ترائيل، سانيٽ هائيڪو ۽ بلئنڪ ورس وغيره کي ڪمال خوبيءَ سان اپنايو ويو آهي.

سنڌي زبان جي نثري ادب جو خزانو به مالا مال آهي. ان ۾ طبعزاد ادب توڙي ترجمو ڪيل، ٻنهي قسمن جو نثر شامل آهي، جديد نثر جون ڪيتريون ئي صنفون آهن، جن ۾ ناول مختصر ڪهاڻي، ڊرامن کان سواءِ مضمون نگاري، انشاءِ لطيف، تحقيقي مقالا ۽ تنقيد وغيره خاص طور تي شامل آهن. انهن سڀني ۾ سنڌي اديبن جا ڪارناما موجود آهن، جن پنهنجي تصنيفن ۽ تاليفن ذريعي قلمي جوهر ظاهر ڪيا آهن. چند اوائلي قلمڪار، جن انهن صنفن کي زور وٺايو، تن ۾ مرزا قليچ بيگ، ديوان ڪوڙومل، ڊاڪٽر گربخشاڻي، مولانا وفائي،

غير مذهبن جا ماڻهو جوق در جوق اسلام جي حلقي ۾ شامل ٿيا. انڪري سنڌي زبان اصل کان ديني افڪار ۽ تبليغ جو جو ذريعو رهي آهي. ان ۾ ڪيترو صوفيانه ۽ ديني لٽريچر موجود آهي ۽ انهيءَ باعث پاڪستان جي ٻين علائقائي ٻولين سان به خاص قرابت اٿس. گويا سنڌي زبان ۽ ادب جي تحصيل سان قوم ۽ ملڪ جي اتحاد جي مضبوطي حاصل ٿئي ٿي ٻيو ته قومي ٻولي يعني ته اردو زبان تي به مادري ٻوليءَ جي وسيلي آسانيءَ سان عبور حاصل ڪري سگهجي ٿو.

باب ٻيون

# مادري زبان جو ٻين نصابي مضمونن سان ڳانڍاپو

جهڙيءَ طرح انساني زندگي هڪڙي ايڪي ۾ ڳنڍيل آهي، تهڙيءَ طرح مختلف نصابي مضمون به هڪڙي ايڪي ۾ ڳنڍيل آهن، ڇو ته سڀئي علم انساني تجربن جو نچوڙ آهن ۽ هڪ‌ٻئي تي دارومدار رکن ٿا. آهي دراصل هڪ‌ٻئي وڻ جون شاخون اهن، جن کي جدا جدا ڪري نٿو سگهجي. هر علم جا بظاهر مختلف اطراف ڏسڻ ۾ اچن ٿا، پر اندروني طور اهو ٻين کان جدا ناهي. شاهه لطيف جو هيءُ بيت علمي مطالعي جي حقيقت تي به صادق اچي ٿو.

جيءُ سڀ ڪنهن جيءَ سين، درسن ڏارو ڏار!

جهڙيءَ طرح تصوير جا ڪي مختلف رنگ ۽ زاويا هوندا آهن، ته به ڏسڻ سان انساني ذهن ۾ ان جو پورو تصور جمي ويندو آهي. ان ڪري مختلف نصابي مضمونن جي سکيا کي مادري زبان سان مربوط ڪري، ان کي ايڪي جي صورت وٺائي سگهجي ٿي. سنڌي زبان ته وري سنڌ ۾ ذريعهٔ تعليم طور رائج آهي ۽ اسين زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ ان کي استعمال ڪريون ٿا ۽ مختلف مضمون ان جي وسيلي ئي پاڙهيون ٿا، جنهن ڪري ڪيترائي علم سنڌي زبان ۾ منتقل ٿي رهيا آهن ۽ ان ڪري سنڌيءَ کي به ترقي حاصل ٿي رهي آهي ۽ ٻين علمن جي تدريس ۽ سکيا به آسان ٿيندي پئي وڃي.

سان مضمون رکو ۽ اڻانگهو بڻجي پوندو، جيڪو شاگردن لاءِ قدم قدم تي مونجهارا پيدا ڪري ڇڏيندو. اگر هڪ درسگاه کي حقيقي زندگيءَ جو نمونو بڻائڻو آهي ته پوءِ ذهني ۽ جسماني سڀني شغلن جي جدا جدا شعبن کي هڪٻئي کان ڌار ڪرڻو ناهي. بلڪ تعليمي سکيا اهڙي هجي جنهن ۾ هر قسم جو مواد جذب ٿي وڃي.

مٿين بحث مان اها ڳالهه آشڪار ٿئي ٿي ته تعليم جو مکيه واهڻ ۽ پرجهلو فقط ٻولي ئي آهي. اسان وٽ سنڌي ٻولي اظهار خيال جو اهم وسيلو آهي. انڪري هر استاد جي ڪاميابيءَ جو انحصار به ان ڳالهه تي آهي ته منجهس مادري زبان جي ڪيتري قدر لياقت آهي ۽ هو پنهنجي مضمون جي مسئلن کي ڪيترو خوبيءَ سان بيان ڪري سگهي ٿو. تعليمي نظام ۾ سنڌيءَ جي مرڪزي حيثيت باعث استاد تي فرض عائد ٿئي ٿو ته هو نه رڳو پنهنجي پنهنجي مضمون سان چڱيءَ طرح بهرور ٿين، بلڪ ساڳئي وقت پنهنجي مادري زبان تي به ڪڙو حاصل ڪن. هن دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سکيا جا مقصد زياده مضبوط، بلند ۽ اتل بڻجي پيا آهن. اسان کي "سنڌي ٻولي" فقط "ادب" جي حيثيت ۾ پاڙهڻي ناهي، بلڪ ان جي ذريعي شاگردن کي سڀئي علوم و فنون پاڙهڻا پون ٿا. انڪري هاڻي رواجي طرح لکڻ پڙهڻ مادري ٻولي سکڻ جو مقصد نه رهيو آهي، بلڪ ان ۾ هرڪا تسلي بخش مهارت حاصل ڪرڻ جي ضرورت آهي.

سنڌ اندر تعليمي ذريعي طور استعمال ٿيندي اچي پئي ۽ آزاديءَ بعد ته ان سلسلي ۾ حالتون وڌيڪ سازگار ٿيڻ لڳيون. چنانچه هن وقت اها پرائمري کان وٺي ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي درسگاهن ۾ ڪاميابيءَ سان تعليمي ذريعي طور استعمال ٿي رهي آهي ۽ اعليٰ تعليم ۾ پڻ اها قدم وڌائي چڪي آهي ۽ اهو ڏينهن پري ناهي جو سنڌي زبان ذريعي مڙني علمن ۽ فنن جي تعليم ڏيڻ مشڪل ڳالهه نه رهندي. تعليم کان سواءِ اها زندگيءَ جي ٻين شعبن جهڙوڪ ادب ۽ صحافت ۾ به پنهنجو سڪو ڄمائي چڪي آهي. ازانسواءِ اها آئيني طور سنڌ جي سرڪاري زبان آهي ۽ دفترن ۽ عدالتن ۾ ان جو استعمال جاري آهي. انهن سببن ڪري سنڌي ٻوليءَ جي اهميت کي پيش نظر رکندي صوبائي سرڪار ١٩٧٢ع ۾ ٻوليءَ جو بل منظور ڪري سنڌ ۾ سڀني فردن لاءِ ان جو سکڻ لازمي قرار ڏنو آهي.

## مادري زبان پاڙهڻ جا عام مقصد:

سڀ کان وڏو مقصد آهي ته ٻار وڏو ٿي، معاشري لاءِ ڪارائتو انسان ۽ ملڪ جو هڪ سٺو شهري بڻجي وڃي. اهو تڏهن ٿي سگهندو، جڏهن هو پنهنجي ڪٽنب، ملڪ ۽ قوم جا فرض سڃاڻي سگهندو. ازانسواءِ معاشري ۾ رهڻ جا اصول سکڻ کان پوءِ ئي هو ان قابل بڻجي سگهندو، جو مختلف فردن سان لڳ لاڳاپا ۽ خوشگوار تعلقات قائم رکي سگهي. مادري زبان سيکارڻ جو مقصد آهي ته ٻار وڏي هوندي، هڪ سمجهدار ۽ هوشيار انسان بڻجي سگهي ۽ محل ۽ موقعي جي لحاظ کان ڪيس سهڻائيءَ سان زبان استعمال ڪرڻ اچي، ازانسواءِ هو پنهنجي ضمير جي آواز کي تحرير ۽ تقرير جي صورت ۾ بيان ڪري سگهي ۽ ٻين جي لکيتن ۽ بيانن مان فائدو به پرائي سگهي.

مطلب تہ مادري زبان جي تدريس ۾ سکيا جو عام مقصد آهي ته تعليم جي حاصلات کي آسان بڻائڻ، جيئن هر کو انسان پنهنجي تخليقي قوتن کي اپارڻ جو وجهہ پائي سگهي، جنهن کري وطن جي تهذيب ۽ تمدن ۾ اوسر جا يقيني آثار پيدا ٿي وڃن ٿا ۽ علمي چاڻ ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ايندو رهي ٿو. ملڪ ۽ قوم تيزيءَ سان ترقي جي راهہ تي گامزن ٿي وڃن ٿا.

## وسطاني سطح يا ثانوي درجن ۾ سنڌي پاڙهڻ جا مقصد:

تعليم ۽ زبان جو پاڻ ۾ گهاٽو رشتو آهي ۽ ٻئي هڪٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم جي حيثيت رکن ٿا. مٿي مادري زبان جا عام مقصد سمجهايا ويا، جيڪي مجموعي طور سموري تعليم سان گنڍيل آهن، ليڪن ياد رکڻ گهرجي تہ تعليم تي حاصلات ۽ تڪميل مختلف ڏاڪن ۾ ورهيل آهي، جيڪا بنيادي يا پرائمري کان شروع ٿئي ٿي ۽ اعليٰ تعليم تائين وڃي پهچي ٿي. ان کري مادري زبان جي تحصيل بہ درجيوار ٿئي ٿي ۽ هر ڏاڪي يا منزل تي پڙهائيءَ جي مقصد ۾ ٿوري ٿوري تبديلي ۽ اضافو ايندو رهي ٿو. ساڳيءَ ريت ثانوي يا وسطاني منزل تي بہ مادري زبان جي پاڙهڻ جي مقصد ۾ ڪي خاص ڳالهيون ۽ نوان نڪتا شامل ٿي وڃن ٿا.

ابتدائي منزل يا پرائمري ڏاڪي تي سنڌي سکيا جو شروعاتي مقصد اهوئي هوندو آهي تہ ٻار ۾ ڳالهائڻ، ٻڌڻ سمجهڻ ۽ پڙهڻ ۾ ايتريقدر صلاحيت پيدا ڪئي وڃي، جو آئنده تعليم ۾ کيس ڪابہ دقت محسوس نہ ٿئي. ٻار ۾ ايترو استعداد پيدا ٿئي جو هو نظم خواه نثر کي صحيح طور اچاري ۽ پڙهي

سگهي. ٻاراڻن ڪتابن ۽ رسالن جو خاموش مطالعو به ڪري سگهي. اهڙيءَ طرح ثانوي منزل ۾ شاگردن جي پرائمري ڏاڪي تي حاصل ڪيل قابليت کي اڳتي وڌائڻو آهي، جيئن شروعاتي مشق کي مستحڪم بنائي سنڌي ٻوليءَ ۾ معيار بلند ڪري سگهي. ازانسواءِ ثانوي ڪلاسن ۾ مطالعي ذوق کي بهتر بنائڻ سان گڏ شاگردن ۾ تقرير ۽ تحرير جو ملڪو پڻ پيدا ڪرڻو آهي. ازانسواءِ ٻوليءَ جي سهڻين وصفن جي آگاهيءَ لاءِ ڪين عبارت نويسيءَ (ڪمپوزيشن) جي اصولن جي ڄاڻ به، هن ئي منزل ۾ ڏيڻ ۾ اچي ٿي، جنهن ڪري شاگرد سهڻي سنڌي ۽ انشاپردازيءَ جي فن سان بهرور ٿي ٻوليءَ جو صحيح معيار قائم رکي سگهن ٿا. هن ڏاڪي تي مباحثن جو ترتيبوار انتظام به لازمي طور ڪيو وڃي ٿو، جنهن سان شاگردن ۾ خود اعتمادي جو جذبو ۽ تقرير جو ملڪو پيدا ٿئي ٿو. بهرحال ثانوي ڪلاسن ۾ درجي بدرجي سنڌي ٻوليءَ جي سکيا کي زياده وسيع بنائڻو آهي، جيئن شاگردن جي لساني مهارت ايتريقدر ته وڌي جو هو ٻين مضمونن جي تحصيل لاءِ به پنهنجي ٻوليءَ کي قابليت سان استعمال ۾ آڻي سگهن.

٧- ادبي محفلن، سگهڙن جي ڪچهرين ۽ ثقافتي مجلسن ۾ ٻارن جي شرڪت به مفيد ٿيندي. هو اُن مان محفوظ ٿيندا ۽ خود به خود هڪٻئي کي نقل نظير ٻڌائيندا.

٨- ننڍين ڪلاسن ۾ ٻڌڻ جي مشق ڪرائڻ لاءِ دلچسپ رانديون به ڪرائي سگهجن ٿيون مثال طور "پيغام رساني جي راند" جيڪا هن ريت ٿئي ٿي. ڪجهه ٻارن کي قطار ۾ بيهاريو وڃي. استاد پهرين ٻار کي ڪا ڳالهه چوي، اهو ٻار ٻئي کي ٻڌائي، پوءِ ٽئين کي اهڙيءَ طرح آخري ٻار اُها ڳالهه استاد کي ٻڌائي.

آهي ٻار جن جي ٻڌڻ جي حواس ۾ ڏاڍو وائڙو نقص معلوم ٿئي ۽ پڻ ٻارن کان طبعي طور ڪمزور معلوم ٿين، تن لاءِ الڳ طور تي تدبيرون اختيار ڪرڻ گهرجن.

١- اهڙي ٻارن جي والدين سان ترت رابطو رکي کين ٻارن جي علاج جي تاڪيد ڪجي.

٢- ٻارن کي هدايت ڪجي ته آهي استاد ۽ پڻ ساٿي شاگردن جي ڳالهائڻ وقت اُنهن جي چپن جي چرپر کي غور سان ڏسن ۽ اُن چرپر جي مدد سان ڳالهه کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن.

٣- اهڙن ٻارن کي استاد پنهنجي سامهون ويهاري ۽ ٻارن کي متوجه ٿيڻ جون مشقون ڪرائي. ان سلسلي ۾ استاد کي اها خبرداري ڪرڻ ضروري آهي ته ڪمزور سماعت وارن ٻارن کي اهو هرگز محسوس ٿيڻ نه ڏي ته ساڻن غير رواجي يا نامناسب سلوڪ ڪيو پيو وڃي.

باب پنجون

# ڳالهائڻ

جيڪڏهن تهذيب ۽ تمدن جو بنياد انسان جي "ٻولي" آهي ته پوءِ اها ڳالهه به ظاهر آهي ته ٻوليءَ جو علمي انداز ۽ نمونو، گفتگو ۽ ڪلام تي بيٺل آهي. ڳالهه ٻولهه جو ڇهچٽو، ڪچهرين جو رس ۽ چس، گڏجاڻين جا بحث مباحثا، تقريرون ۽ اجتماع. اهي سڀئي زندگيءَ جي علامت جو ڏس ڏين ٿا. پر جنهن ڳالهه جو منهن نه مٿو سا ڪير سمجهندو؟ بي تڪي، بي سري، بي ڍنگي ۽ بي وقتي گفتگو ڪنهن تي ڇا اثر ڪندي؟ ان ڪري سياڻن چيو آهي ته حسين ڪلام ئي انسان جو حقيقي زيور آهي.

معاشري ۽ فردن جي لهه وچڙ جو دارو مدار فقط ڳالهائڻ ٻولهائڻ تي آهي. موجوده ترقي يافته دنيا ۾ انساني تعلقات، ادارا ۽ مشغوليون تمام پيچيده ٿيندا وڃن ٿا، ان ڪري جيڪو به انسان پنهنجو مافي الضمير صحيح طور ادا نٿو سگهي ۽ پنهنجو مطلب ڪنهن سبب کان اثرائتي ۽ دلنشين گفتگو ۾ ادا ڪرڻ کان قاصر آهي، سو نه فقط ٻين جي توجه کان محروم رهي ٿو بلڪ ڪيس زندگيءَ جا مسئلا سلجهائڻ به مشڪل ٿي پون ٿا. ٻولي ته هرڪو ڄاڻي ٿو، پر ڳالهه ٻولهه جو صحيح انداز ڪن ٿورن کي اچي ٿو.

## ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ جي اهميت

ٻار ۾ ڳالهائڻ جي صلاحيت "جبلي" ٿيندي آهي، جيڪا گهرو ماحول ۽ معاشري جي اثر پذيري سان جلدي

۽ زبان سان مانوس ٿي جدا جدا مضمون پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي قابل ٿي وڃن ٿا. ننڍي عمر ۾ ٻار جيڪا زبان ڳالهائين ٿا سا ڪچي ڦڪي هوندي آهي، جنهن ڪري پڙهڻ ۾ ٻار کي لامحاله مشڪلاتون پيش اينديون آهن. عموماً ابتدائي ۽ ثانوي درجن جي شاگردن ۾ لفظي استعمال، جملن جي ترڪيب، تذڪير تانيث ۽ جمع واحد جون انيڪ خاميون معلوم ٿينديون آهن. ڳالهائڻ سيکارڻ واحد طريقو آهي، جنهن سان اهڙا عيب شاگردن منجهان دور ٿي وڃن ٿا ۽ ٻوليءَ تي دسترس پيدا ٿيڻ سان هو آسانيءَ سان تعليمي مرحلا طيءِ ڪندو هلي ٿو. ڳالهائڻ سيکارڻ سان ٻار صحيح اچار ۽ تلفظ سان ڳالهائي سگهندو. هو درست ۽ صحيح ٻوليءَ تي عبور حاصل ڪري سگهندو. مهل ۽ موقعي جي لحاظ کان گفتگوءَ جو صحيح ڍنگ اچي سگهندس مافي الضمير جو اظهار ڪري سگهندو ۽ ان سلسلي ۾ هرڪا ججهڪ دور ٿي ويندس. گفتگوءَ ۾ تسلسل ۽ رواني پيدا ٿيندي. خيالات ۾ ربط ايندس. ڳالهه ٻولهه ۾ صفائي، چٽائي ۽ موزونيت پيدا ٿيندس. لفظن جي ذخيري ۾ اضافو ٿيندو رهندس ۽ سهڻي گفتگوءَ جي عادت پوڻ سان منجهس جمالياتي احساس جي نشو نما جاءِ وٺندي. مطلب ته ڳالهائڻ ۽ گفتگوءَ ۾ صفائي ۽ پاڪيزگي شاگرد ۾ علم و ادب لاءِ چاهت وڌائڻ جو سبب بڻجي ٿي، جنهن ڪري هو اڳتي هلي معاشري ۾ بلند مقام تي رسي ٿو.

## تدريسي عمل سان گفتگوءَ جو تعلق

پڙهڻ لکڻ سيکارڻ ۾ ڳالهائڻ کي ته بنيادي حيثيت آهي ئي، ليڪن ان کان سواءِ به سکيا ۽ تدريس جو هرڪو عمل موزون گفتگو وسيلي ئي احسن طريقي سان تڪميل تي رسي ٿو.

صحت کان سواءِ زبان ۽ بيان سڌارڻ مقصود هوندو آهي. نه فقط ايترو بلڪ جملن جي صحيح ترڪيب، لهجي جي درستي، خيالات جو لاڳيتو سلسلو، وضاحت ۽ بيان جي ادائگي، رواني ٻوليءَ جو فهم، معلومات آهر لفظن جو ذخيرو وڌائڻ وغيره وغيره جا سڀئي مقصد ٻولي سيکارڻ ۾ شامل هوندا آهن.

## فصيح ۽ بليغ گفتگو

ڳالهائڻ جي اعليٰ منزل ۾ فصيح ۽ بليغ گفتگو شمار ڪئي وڃي ٿي. شاگردن ۾ ادب شناسي ۽ ٻوليءَ جون اعليٰ وصفون پيدا ٿيڻ گهرجن. اظهار و بيان ۾ صفائي، خيالات ۾ منطقي ربط، لفظي ترڪيبن ۽ اصطلاحن جي سوجهه ۽ پرک، وضاحت ۽ سمجهاڻيءَ ۾ گهرائي اچڻ گهرجي ايتريقدر جو شاگرد جي تقرير ۽ گفتگو علمي انداز ۽ رنگ اختيار ڪري بيهي.

## شاگردن ۾ ڳالهائڻ جا نقص ۽ سبب

ٻار موافق ۽ چاتل سڃاتل ماحول ۾ ته بي ڌڙڪ ڳالهائيندو آهي ۽ جيڪي دل ۾ ايندو اٿس سو چئي ڏيندو آهي. سندس زبان رڪبي ڪانهي. هن لاءِ خاموش رهڻ فطرتاً ڏکيو آهي، پر اهو ئي ٻار جڏهن مجبوريءَ جي حالت ۾ اچي ٿو ته مٿس ماٺ طاري ٿي وڃي ٿي ڄڻ ته ڪي مڱ وات ۾ پئجي ويا هجنس! ٻار جڏهن اسڪول ۾ داخل ٿئي ٿو تڏهن مٿس اهائي ڪيفيت طاري هوندي آهي، ڇو ته نئون فضا کيس گهريلو ماحول کان مختلف ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ازانسواءِ چارديواري اندر ٻارن جو ميڙ، استاد جي موجودگي ۽ نظم و ضبط جو مظاهرو مرعوب ڪن ٿا. ٻيو ته ڪلاس ۾ جنهن ڍنگ سان گفتگو ٿئي ٿي، تنهن کان هو بلڪل ناواقف آهي. اهڙي مجبورين

مطلب تہ اهڙا ڪيترائي وسيلا ۽ طريقا آهن، جن ڪي هڪ هوشيار ۽ باخبر استاد استعمال ۾ آڻي صحتمند تعليمي ماحول پيدا ڪري سگهي ٿو ۽ اسڪول جي فضا کي موافق بنائي ٻارن مان ڳالهائڻ جون ڪمزوريون ۽ رڪاوٽون دور ڪري سگهي ٿو.

## باب ڇهون

# پڙهڻ

### اهميت

ڳالهائڻ کان پوءِ پڙهڻ، ٻوليءَ جي ڄاڻ جو مکيه پهلو آهي. انهيءَ عمل ذريعي هر ڪنهن سمايل خيال جي لکوت کي سڃاڻي، با آواز يا دل ۾، ساڳي بيان ڪري ورجائي سگهبو آهي. اڄڪلهه جي دنيا جو ڪاروبار هلي ئي قلم ۽ ڪاغذ تي ٿو! قومن سان رابطو هجي يا ڪابه ڏي وٿ! علم ۽ سائنس جي تحصيل هجي. معلومات عام هجي. تمدن يا ثقافت جي حفاظت جو مسئلو هجي. گذشته انساني تهذيب يا تاريخ کي معلوم ڪرڻو هجي. مطلب ته انسان جي سڀني ڪارنامن کي صرف ”تحرير“ ۽ ڪتاب ۾ محفوظ ڪيو وڃي ٿو!!

پڙهڻ لکڻ سان ئي لکيتن کي سمجهڻ جي صلاحيت پيدا ٿئي ٿي ۽ لکپڙهه مان استفادي جي سموري قابليت ميسر اچي وڃي ٿي. پڙهڻ هڪ اهڙو وسيلو آهي، جنهن جي اچڻ سان ئي انسان ۾ ڪتابن جي مطالعي جو شوق پيدا ٿئي ٿو. هر قسم جي تعليم جو بنياد پڙهڻ تي آهي. صرف ان مان ئي پنهنجي علمي ۽ فني معلومات کي وڌائي سگهجي ٿو. جهالت ۽ خام خيالي جو واحد علاج رڳو پڙهڻ آهي. تعليم پرائڻ سان نه فقط سماجي سهوليتون ميسر اچن ٿيون، بلڪ فرد جو وقار وڌي ٿو. دنياوي ڪاروبار، دفتري معاملا، خيالات جو تبادلو، علم ۽ فن جون مشغوليون ۽ تهذيب ۽ تمدن جون رونقون سڀئي شيون ان جي برڪت سان قائم ۽ دائم آهن.

ڪرڻ کان قاصر رهن ٿا. استاد کي گهرجي ته تعليم جاري رکندي، ٻارن جي واڌاري جو اندازو لڳائيندو رهي ۽ سڀني ٻارن جي قابليت کي مدنظر رکندي سبق پاڙهڻ ۾ پيش رفت ڪرڻ گهرجي.

## پڙهڻ ۾ پٺتي پوڻ جا سبب

ٻارن جي پس ماندگيءَ جا گهڻو ڪري ٽي سبب خاص هوندا آهن:

١- گهرو ماحول

٢- جسماني نقص

٣- نامناسب تعليمي سرشتو.

١- ڪن ٻارن جي گهر جو ماحول مناسب نه هوندو آهي. والدين ۾ ناسازي ۽ جهيڙو، اولاد تي مائٽن جي نظرداري نه هجڻ، پرداخت يا سنڀال کان لاپرواهي، والدين جو پڙهيل ڳڙهيل نه هجڻ، پدرانه شفقت کان محرومي وغيره ڪيترائي سبب آهن جي ٻارن ۾ ذهني انتشار پيدا ڪن ٿا ۽ تعليم پرائڻ ۾ رڪاوٽ بڻجن ٿا. اهڙين حالتن ۾ فقط استاد لاءِ تدارڪ ڪرڻ ناممڪن آهي. ليڪن اهو مسئلو نظرانداز ڪرڻ جهڙو به ناهي. استاد کي گهرجي ته هو والدين سان لهه وچڙ ۾ اچي ۽ پنهنجي طرفان حالات کي ٻارن جي حق ۾ سلجهائڻ جي ڪوشش وٺي. ازانسواءِ ذهني الجهن ۾ ورتل ٻار سان نهٺائي واري هلت هلي. استاد شفقت جو هٿ ڏرڻ ۽ هدايت ۽ تلقين سان ڪنهن حد تائين ماحول کي ٻار لاءِ سازگار بڻائي سگهي ٿو. درحقيقت مناسب گهرو پرورش نه هجڻ ۽ غلط تربيت باعث شاگرد جسماني طور صحتمند هوندي به ڪن نفسياتي بيمارين جو شڪار ٿي پوي ٿو ۽ جيڪو تعليم ۾ سنڌس

پس ماندگيءَ جو وڏو ڪارڻ ٻنهي پوي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو ڪن ٻارن ۾ شرميلائي، تنهائي پسندي، موڳائي، ڳالهائڻ ۾ جهجهڪ، احساس ڪمتري، پڙهڻ ۾ هٻڪ، خوف ۽ عدم تحفظ جو احساس ۽ ٻيون ڪمزوريون پيدا ٿي پون ٿيون. اهڙي صورت ۾ استاد کي گهرجي ته هو اهڙن شاگردن جو نفسياتي جائزو وٺي ۽ هنن جي پس ماندگيءَ جو اصلي سبب معلوم ڪري ۽ ان کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهي.

٢- جسماني نقص به شاگرد کي تعليم ۾ پٺتي پوڻ جو خاص سبب بڻجن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن ٻار جي وات يا زبان ۾ ڪو نقص هوندو آهي، جنهن ڪري هو لفظ کي پوري صفائيءَ سان ادا ڪرڻ کان قاصر رهندو آهي ۽ سندس ٻوليءَ ۾ هٻڪ يا اٽڪ جو ظاهري عيب ٿي پوندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ ڪيترا ٻار صرف مناسب علاج ۽ معمولي عمل جراحيءَ سان ٺيڪ ٿي پوندا آهن. اهڙيءَ طرح اکين جي ڪمزوريءَ جو علاج، عينڪ جي استعمال سان دور ٿي سگهي ٿو ۽ جسماني ڪمزوريءَ جو علاج وري مناسب غذائيت سان دور ٿي سگهي ٿو. جسماني نقص جي حالت ۾ استاد کي ٻارن جي والدين سان رابطو رکڻ تمام ضروري آهي.

## ٣- نامناسب تعليمي طريقو

ڪي شاگرد فطري طور سراسري ذهانت کان گهٽ ذهانت رکن ٿا. ٻيو ته تعليمي طريقو يا پڙهائيءَ جو سرشتو درست نه هجڻ باعث شاگرد اڳتي پٺتي رهجي ويندا آهن. ان لاءِ استاد کي تعليمي اصولن تي ڪاربند رهي، ٻارن جي تعليم جاري رکڻ پوي. بهرحال پس ماندگيءَ جي سببن جو جائزو وٺي، جيڪا به صورت پيش اچي، ان جو تدارڪ ڪرڻ ضروري آهي. سڀ کان زياده ان ڳالهه جي ضرورت آهي ته استاد جي

ٻارن جو طريقو دلچسپ ۽ ماحول مطابق هجي. ٻارن جو نفسياتي جائزو وٺي، پوءِ ان جو اصل سبب معلوم ڪري، ان کي دور ڪرڻ گهرجي. ڪلاس ۾ گهٽ ذهين شاگردن تي خاص توجهه ڏجي ۽ انهن تي وڌيڪ محنت ڪرڻ گهرجي. ڪين هر ڪنهن مشق ۽ عمل جا زياده موقعا ڏيڻ گهرجن، جيئن هو پنهنجي حواسن کي گهڻو استعمال ۾ آڻي سگهن. اهڙين ترڪيبن استعمال ڪرڻ سان، پڙهائيءَ ۾ پٺتي پيل شاگرد به مجموعي پڙهائيءَ ۾ ٻارن سان گڏ هلي سگهندا.

باب ستون:

# مطالعو ۽ ان جا مسئلا

## مطالعي جو مفهوم:

مطالعي کي سنڌيءَ ۾ ايياس به چئبو آهي، جنهن مان دراصل مراد ڪتب بيني آهي. ڪتاب پڙهڻ يا معلومات واسطي ان کي اٿلائڻ پٿلائڻ ۽ ان مان ڪم جي شيءِ ڪڍي نوٽ ڪرڻ يا وري ڌيان ۽ توجہ سان پڙهي ڪتاب جي مواد تي غور ۽ فڪر ۽ ان مان ساڳئي وقت ڪي نتيجا ڪڍڻ اهي سيئي ڳالهيون مطالعي جي دائري ۾ شامل سمجهيون وڃن ٿيون.

مطالعو، شاگرد جي لاءِ هڪ ضروري وٿ آهي، ڇو ته سندس ذهني قوت، شعور ۽ سمجهہ ۾ صرف ان صورت ۾ ئي واڌارو اچي سگهي ٿو. شاگرد کي صرف استاد جي سهاري تي نه هيرائجي. بيشڪ شروعات ۾ شاگرد کي وک وک تي استاد جي ضرورت پوي ٿي، پر آهستي آهستي اهڙو طريقو اختيار ڪرڻ گهرجي، جو ٻار خودبخود، پڙهڻ سمجهڻ ۽ مشڪلاتن جو حل ڳولڻ لائق به بڻجي سگهي ۽ هو پنهنجو پاڻ تعليم حاصل ڪندو رهي.

اسڪولي ٻارن لاءِ ”مطالعي“ جي اهميت هيٺين ڳالهين مان ظاهر ٿئي ٿي:

ٻارن ۾ پڙهڻ جو شوق پيدا ٿئي ٿو. ڇوندا آهن ته ڪتاب زندگيءَ جو بهترين رهنما ۽ ساٿي آهي. طالب علميءَ جو اهوئي مناسب زمانو آهي، جنهن ۾ ٻار کي آسانيءَ سان

جي قابل بڻجي ويندا آهن ۽ منجهن عبارت خوانيءَ جي به
ڪجهه لياقت پيدا ٿي ويندي آهي، ان وقت کان تدريس ۽ سکيا
۾ مطالعي تي زور ڏنو ويندو آهي.

بلند مطالعي ۾ استاد صاف ۽ بلند آواز سان سبق پڙهي ٻڌائيندو آهي. هي طريقو ابتدائي ڪلاسن ۾ عموماً رائج آهي ۽ اڪثر استاد ثانوي ڪلاسن ۾ به شاگردن جي عبارت خوانيءَ ۾ پختگي آڻڻ لاءِ ساڳيو طريقو استعمال ۾ آڻيندا آهن. ان جو مقصد هوندو آهي، ٻارن کي لفظن جي صحيح اچار ۽ لهجي جي اتار چاڙهه ۽ خوش الحانيءَ جي سکيا ڏني وڃي، جيئن ٻار نه رڳو اکر سڃاڻي ۽ عبارت پڙهي سگهن بلڪ لفظن ۽ جملن کي صفائيءَ ۽ روانيءَ سان پڙهي ۽ ڳالهائي سگهن.

بلند مطالعي جون وصفون:

بلند مطالعي جي ڪاميابيءَ لاءِ استاد کي هيٺين ڳالهين تي ڌيان ڏيڻ گهرجي.

١- استاد کي گهرجي ته هو پڙهائيءَ دوران آواز نه گهڻو بلند ڪري ۽ نه وري ايترو هيٺو هجي، بلڪ اهو متوازن هجي.

٢- هر لفظ جو اچار ۽ تلفظ صحيح هجي.

٣- جملي پڙهڻ جي رفتار پوري هجي، نه ڪا تڪڙي ۽ نه ڍري.

٤- جملي پڙهڻ وقت خاص ڪري آواز جي اتار چاڙهه جو خيال رکيو وڃي.

٥- عبارت پڙهندي وچ وچ ۾ هلڪي يا پوري ساهي کڻڻ جو خيال رکيو وڃي.

٦- پڙهڻ وقت استاد جي چهري جا تاثرات عبارت جي مفهوم کي واضح ڪندا رهن.

خاموش مطالعي جي ڪاميابيءَ لاءِ استاد کي هيٺيان قدم کڻڻ گهرجن:-

١- استاد، خاموش مطالعي جا آداب اختيار ڪرڻ جي شاگردن کي ترغيب ڏياري، جيئن هو ماٺ ميٺ ۾، ڪنهن معمولي چرپر کان سواءِ پاڻ مرادو پڙهڻ ۾ مشغول رهن ۽ عبارت جو مفهوم سمجهڻ جي ڪوشش ڪن.

٢- استاد پنهنجي نگرانيءَ ۾ خاموش خوانيءَ جون مشقون ڪرائي، جنهن مان رفتہ رفتہ شاگردن جي عادت پختي ٿيندي ۽ سندن مطالعي جي رفتار بہ خود بہ خود وڌندي رهندي.

٣- شاگردن جي عبارت خوانيءَ ۾ اضافو آڻڻ ۽ فهم و فراست کي وڌائڻ لاءِ خاموش مطالعي ۾ امدادي ڪتاب شامل ڪرڻ گهرجن. ابتدائي ڪلاس جي شاگردن لاءِ پکين ۽ جانورن جون مزيدار آکاڻيون ۽ ثانوي ڪلاس وارن شاگردن لاءِ وري بهادريءَ جا قصا، نصيحت ڀريل آکاڻيون ۽ ظريفانہ ڳالهيون ڪارآمد ٿينديون. انهن ڪرڻ سان شاگرد ۾ الفاظن جو ذخيرو وڌندو رهندو. هو نون لفظن ۽ اصطلاحن سان واقفيت حاصل ڪندا رهندا ۽ اهڙيءَ طرح خاموش مطالعي ۾ درپيش رنڊڪون خود بہ خود ختم ٿي وينديون ۽ هو روانيءَ سان نثر پڙهڻ جي قابل بڻجي ويندا.

٤- استاد کي خاموش خوانيءَ جي چڪاس بہ ضروري وٺڻ گهرجي، جنهن مان کيس معلوم ٿيندو تہ شاگرد ان مان صحيح معنيٰ ۾ پرايو آهي يا نہ؟ ابتدائي ڪلاسن ۾ استاد پهرين ڪا آکاڻي شاگردن کي خاموشيءَ سان پڙهڻ لاءِ ڏئي ۽ مقرر وقت گذرڻ کان پوءِ ان مان شاگردن کان سوال پڇي يا ساڳي ريت بورڊ تي آکاڻي لکي، مقرر وقت کان پوءِ اها بورڊ تان ڊاهي، شاگردن کي پنهنجي نوٽبڪن تي لکڻ لاءِ چئو وڃي.

کي جاري رکڻ لاءِ ڪجهه خارجي اسباب تي نظر رکڻ به ضروري آهي، جن ۾ وقت جو صحيح انتخاب ۽ موزون هنڌ ٻيئي شامل آهن.

**(1) هنڌ:**

ذاتي مطالعي لاءِ اگر گهر ۾ ڪو ڪمرو مقرر هجي ته بهتر نه ته پوءِ ڪو به اهڙو گوشائتو هنڌ وٺي ويهي رهجي، جتي ڪو به مخل نه ٿيندو هجي. مطالعي واري هنڌ ۾ گهڻو هل ۽ گوڙ نه ٿيندو هجي ۽ خاص طور تي ريڊيو جي گانن جو آواز اتي نه پهچندو هجي، جيئن مطالعي وقت طبيعت بحال رهي ۽ دل سان پڙهي سگهجي. گهري مطالعي جي عادت مان ئي ڪتابن گڏ ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيندو آهي ۽ شاگرد ننڍي عمر ۾ ئي پنهنجي "ذاتي لئبرري" ٺاهڻ شروع ڪندا آهن.

**(٢) وقت:**

مطالعي جي عادت ۾ وقت جو مقرر ڪرڻ تمام ضروري آهي. ائين ڪرڻ سان هڪڙو ته طبيعت ۾ باضابطگي پيدا ٿيندي، ٻيو ته ٻيا ڪم به پنهنجي پنهنجي وقت اندر لاڳيتو ٿيندا رهندا. ان کان سواءِ کٽ تي ويهي ۽ سمهي مطالعو ڪرڻ نه جڳائي، بلڪ ان لاءِ مناسب اهو ئي آهي ته ڪرسيءَ تي ويهي پڙهجي، جيئن جسم سڌو رهي سگهي.

بي شمار وسيلن رکڻ جي باوجود، هن وقت تائين پنهنجي رسم الخط ۾ ڪنهن به تبديلي آڻڻ کان قاصر آهن. ان ڪري سنڌي رسم الخط ۾ به بنيادي طور ڪابه تبديلي آڻڻ نقصانڪار ٿيندي. موجوده دور ۾ ”جديد تحرير“ جون سڀئي تقاضائون سنڌي رسم الخط مان باآساني پوريون ٿي رهيون آهن. ڇپائي (پريس) ٽائيپ رائيٽر، شارٽ هئنڊ ان ۾ دستياب ٿي چڪا آهن. گذريل صديءَ کان هزارين ڪتاب ان رسم الخط ۾ لکجي ۽ ڇپجي چڪا آهن. ٻيو ته جيئن اسان جو اڳيون نسل ان سان مانوس ٿي چڪو هو. اهڙيءَ ريت هاڻوڪو نسل به ان سان گهري واقفيت ۽ انسيت رکي ٿو. اهو سنڌيءَ جو سڀ کان پهريون سڌريل ۽ مشترڪ رسم الخط آهي، جنهن کان دنيا جي ٻين خطن ۾ وسندڙ سنڌي به واقف آهن. ان ڪري هاڻوڪو خط هر لحاظ کان افادي سهل ۽ مقبول سمجهو وڃي ٿو.

## تدريسي طريقا

ٻارن کي اکر سيکارڻ ۽ مادري زبان سيکارڻ لاءِ هيٺيان اصول مقرر ٿيل آهن:-

١- مادري زبان سيکارڻ ۾، آسان کان مشڪل ڏانهن قدم کڻڻ گهرجي، جيئن شاگرد منجهن يا گهٻرائين نه، پر رفته رفته پڙهڻ لکڻ جي قابل بڻجي وڃن.

٢- اکرن جون مفرد ۽ ترڪيبي شڪليون ۽ انهن جا آواز شاگردن کي چڱيءَ طرح ذهن ۾ ويهي رهن، جن ۾ ڪوبه مونجهارو نه رهي.

٣- اکرن بابت هر ڪنهن سبق کي اهڙو ته دلچسپ بڻائجي، جو شاگردن جو توجه ان ۾ قائم رهي سگهي.

٤- اکرن سيکارڻ ۾ اهڙي ته پختگي حاصل ڪن، جو

هر نئين لفظ کي پڙهائي سگهن.

۵- آواز ۽ اکري بناوت سمجهڻ ۾ گهڻو وقت لڳڻ نہ کپي، بلڪ شاگرد جلد از جلد عبارت خوانيءَ جي لائق بڻجي وڃن.

سنڌي سيکارڻ ۾ ڪهڙا تدريسي طريقا ڪارگر ٿي سگهن ٿا، جن مان مٿيان اصول آسانيءَ سان سڌ ٿي سگهن، هتي هر هڪ پاڙهڻ جي طريقي جو جدا جدا جائزو وٺنداسون، تہ انهن ۾ ڪهڙيون خوبيون يا خاميون آهن.

## ۱- تهجي طريقو يا الف-بي وارو طريقو:

سنڌ ۾ آڳاٽي زماني کان شاگردن کي ابتدائي تعليم مادري زبان ۾ ڏني ويندي هئي. هڪ اندازي مطابق، سترهين صديءَ ۾ سنڌي زبان کي مڪتبن ۽ مدرسن ۾ باقاعدي پاڙهيو ويندو هو. اهڙي تصديق رچرڊ برٽن جي بيان مان بہ ٿئي ٿي، جو ٽالپرن جي دور ۾ هتي برٽش ريزيڊنٽ هو. هن سنڌي نصاب جي فهرست بہ ڄاڻائي آهي. ان پراڻي دور ۾ سنڌي لکڻ پڙهڻ ڪيئن سيکاريندا هئا؟ حرفن جي شناس ٻارن کي ڪهڙي طريقي سان ڪرائي ويندي هئي ۽ لفظن جي املا ڪيئن سيکاريندا هئا؟ ان بابت ڪجهہ بہ معلوم ٿي نہ سگهيو آهي. مگر انگريزن جي وقت ۾ جديد تعليمي نظام رائج ٿيو ۽ ان وقت کان وٺي پرائمري اسڪولن ۾ پاڙهڻ لاءِ تهجي طريقو استعمال ٿيندو رهيو آهي. اٽڪل هڪ صديءَ کان بہ گهڻو عرصو، اسان جي زبان کي هن طريقي سان لکڻ پڙهڻ سيکاريو ويو آهي. ان کي ”ترڪيبي طريقو“ بہ چيو وڃي ٿو، ڇو تہ اهو ”حرفي نظام“ جي فطري ساخت يا ترڪيب مطابق پاڙهيو وڃي ٿو. اوائلي دور ۾ سنڌي اسڪولن ۾، ان کي هن

هجن ۽ نقص ۽ دشواريون گهڻيون هجن. ائين ڪريون جو موجوده مروج طريقي يعني تهجي‌وار طريقي، ڪي‌ته جيئن‌جو تيئن اختيار ڪريون مگر درجي بدرجي ٻارن کي هجي جو استعمال به ضرور ڪرائجي، ائين ڪرڻ سان شاگرد پڙهڻ تي جلدي دسترس حاصل ڪري سگهندا.

١- ليڪن ۽ نقطن ڏاهڻ لاءِ، هٿ ۽ قلم کي مناسب چرپر ڏيارڻ لاءِ مشق.

٢- ڏسو ۽ لکو جي طرز تي ڪن اهڙن لفظن جو نقل، جن جا اکر ترڪيب ۾ جدا جدا هجن. مثلاً وات، ڏر، ٻوڙ، دوا، وغيره.

٣- جدا جدا اکرن جي سڃي شڪل ڏاهڻ جي مشق.

٤- مختلف اکرن جا مٿيان حلقا ڏاهڻ جي مشق.

٥- ٻه اکرا، ٽه اکرا، چار اکري لفظ بنائڻ جي مشق.

٦- جملن لکڻ جن مشق.

شروعات ۾، قلم سان پٽيءَ تي، ڪاٺيءَ سان زمين يا ريتيءَ تي چاڪ سان بورڊ تي، پين سان سليٽ تي ۽ پينسل سان ڪاغذ تي ليڪن ڪيڻ جي مشق ڪرائي وڃي ته مفيد ٿيندو. ٻار انهيءَ قسم جي ڪم ۾ تمام گهڻي دلچسپي وٺن ٿا سنڌي لکڻ سيکارڻ ۾ هيٺين بنيادي چرپر جي مشق جي ضرورت پوي ٿي، ان جي بناوت اکري شڪلين جي جدا جدا جزن مطابق آهي.

١- سڌيون عمودي ليڪون - مٿي کان هيٺ ۽ هيٺ کان مٿي. (مثال ا، گا)

٢- سڌيون افقي ليڪون - ساڄي کان کاٻي ——
(مثال ب - ت - ث)

٣- نيم دائري واريون ليڪون - ساڄي کان کاٻي ۽ کاٻي کان ساڄي
(مثال ن - ع - ڪ - چ)

٤- چوٿ دائري واريون ليڪون -
(مثال و - ر - ڙ - ذ)

انفرادي چر پر ڌانهن ڏيان ڏئي ۽ اصلاح لاءِ قدم کڻي. غلط اکرن جي سامهون صحيح اکر لکي يا غلط اکرن جي مٿان قلم گهمائي ان جا صحيح نشان ظاهر ڪري. اجتماعي خامين جي اصلاح بورڊ تي ڪري، جيئن سڀ شاگرد ڏسن. اکرن جي جدا جدا صورت واري مشق مڪمل ٿئي ته پوءِ ساڳيءَ ريت ٻارن کي گڏيل اکرن وارين صورتن جي مشق ڪرائجي ۽ ابتدائي، درمياني ۽ آخري بناوت ڏانهن ڌيان ڇڪائجي. اهڙيءَ طرح اکرن جي ترڪيبي بناوت ۽ لفظن لکڻ جي مشق گڏوگڏ هلندي رهي. ان کان پوءِ عبارت نويسي شروع ڪرڻ گهرجي. سٺن اکرن لکڻ لاءِ اول ڪلاس ۾ شاگردن جي انفرادي توڙي اجتماعي سکيا جي ضرورت پوي ٿي، جنهن کان پوءِ مشق جي ڪاپين جو استعمال ڪرائڻ به ضروري آهي، جيئن ٻارن جي هٿن ۾ لکڻ جي صفائي ۽ پختگي پيدا ٿئي.

ڏسي سگهون ٿا، جن جو اسين خوردبينيءَ کان سواءِ مشاهدو ڪري نٿا سگهون. مثلاً انسان جي جسم ۾ رت جا ڳاڙها جزا ۽ اڇا جزا ڪهڙيءَ طرح عمل ڪن ٿا ۽ اڇا جزا ڪهڙيءَ طرح بيمارين جي جيوڙن سان مقابلو ڪري، انهن کي تباهه ڪن ٿا وغيره. مطلب ته فلمن مان انيڪ تعليمي مقصد سولائيءَ سان حاصل ڪري سگهجن ٿا.

هاڻوڪي جديد زماني ۾ سمعي ۽ بصري امدادي شين جي موجودگي تعليم ۾ ڪيتريون ئي آسانيون پيدا ڪري ڇڏيون آهن. ريڊيو ۽ ٽي-وي به اڄڪلهه انهن وسيلن ۾ شامل آهن، جن جي ذريعي سبق جي سماعت درسگاهه جي اوقات کانسواءِ به ٿي سگهي ٿي. مثلاً ريڊيو جا تعليمي پروگرام، ليمپ رڪارڊ، رڪارڊ پليئر ۽ ڪئسٽ وغيره سڌريل ملڪن ۾ ڪثرت سان استعمال ٿي رهيا آهن.

صورت آهي. جڏهن ٻارن کي مڪالمي جي ڪافي مشق ٿي وڃي، تڏهن ان کي رفته رفته تمثيل جي شڪل ۾ تبديل ڪرڻ گهرجي. ان جي ابتدائي مشق نقل آهي، جيڪا پنهنجي جاءِ تي بيحد دلچسپ شيءِ آهي. دراصل ٻارن ۾ نقل يا اهل ڪرڻ جي جبلت فطري طور هوندي آهي. هو پاڻ جهڙن، پوڙهن ۽ جوانن جي هلت ۽ ڳالهائڻ جي ڍنگ جو نقل اتاري لطف اندوز ٿيندا آهن. استاد کي گهرجي ته شاگردن کان رنج، خوشي، جوش ۽ محبت وغيره جي جذبن جو مصنوعي طور اظهار ڪرڻ جي ترغيب ڏئي. تمثيلي انداز جي سکيا اهڙيءَ طرح ڏجي، جو نه رڳو لفظن مان جذبن جو اظهار ٿئي، بلڪ لهجي جي اتار چڙهاءُ مان به ان جي خبر پوي ۽ سڀ کان آخر ۾ عمل جي مناسبت ڏانهن به ڌيان ڏجي. شاگردن ۾ اداڪاريءَ جو جذبو موجود هوندو آهي، استاد تمثيل ذريعي ٻارن جي ان جذبي کي تعليمي ڪم ۾ آڻي سگهي ٿو. پرائمري ڪلاسن ۾ ٽوپي ۽ پڳ، ڏيڏري ۽ اٺ، ڀنڀوري ۽ مڇر، گدڙ ۽ شينهن جهڙن مناظرن ۽ مڪالمن کي اداڪاريءَ ذريعي پيش ڪري سگهجي ٿو. جڏهن ڪو به ٻار اداڪاريءَ جي ٽيڪنڪ سان ڪنهن واقعي يا ڪردار کي پيش ڪري ٿو، تڏهن ائين محسوس ٿئي ٿو، ڄڻ ته اصل واقعو هوبهو نظرن اڳيان اچي بيٺو هجي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته تمثيل، تعليمي مواد جي صرف وضاحت نٿي ڪري، بلڪ ان ۾ حقيقت جو رنگ به ڀري ٿي ۽ ٻارن ۾ انتهائي شوق ۽ جذبو پيدا ڪري ٿي. ٻارن جي تمثيل ۾ عملي شموليت، انهن کي پنهنجي اهميت جو احساس ڏياري ٿي ۽ کين پنهنجي صلاحيت کي ظاهر ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو. اهڙيءَ طرح وڏن ڪلاسن جا

شاگرد تاريخي واقعن، آکاٽين ۽ شخصيتن کي ڊراماڻي انداز ۾ پيش ڪرڻ جا اهل ٿين ٿا.

### بحث مباحثا:

بحث مباحثو به گفتگوءَ جي هڪ خاص صورت آهي، جنهن سان شاگردن جون صلاحيتون ڪلي ٻهڻ ٿيون. هن ۾ ڪنهن مقرر موضوع تي سنجيدگيءَ سان خيالن جو اظهار ڪيو وڃي ٿو. اوائلي طور استاد کي گهرجي ته زير بحث موضوع جا جدا جدا پهلو شاگردن اڳيان کولي بيان ڪري. ائين ڪرڻ سان هنن جي صحيح طور رهنمائي ٿيندي ۽ هو زياده غور ۽ فڪر ڪري ان بابت ڪي نتيجا پنهنجي ذهن ۾ ويهاري سگهندا. بحث ٻارن جي دلچسپي ۽ ذهني رسائيءَ مطابق هئڻ گهرجي، جيئن ٻار گهڻي جوش جذبي ۽ شوق سان ان ۾ حصو وٺي سگهن. پرائمري ڪلاسن ۾ مشاهدي جي عام شين مثلاً جانورن، پکين، راندين ۽ دوستن جو موضوع مباحثي يا تقرير لاءِ ڪارائتو ٿيندو. ليڪن ثانوي ڪلاسن ۾ اهڙا موضوع هجن، جن ۾ شاگردن جي سوچ ويچار جو زياده شامل هجي، جنهن ۾ محبت ۽ دليل لاءِ ڪجهه وسيع ميدان ميسر ٿي سگهي. مثلاً ”شاگردن لاءِ يونيفارم پهرڻ ضروري ناهي“ ”گهر لاءِ ڪم ڏيڻ فائديمند ناهي، جنهن ڪري ان کي ختم ڪري ڇڏجي“ ”گرمين جي موڪل تمام ڊگهي ٿئي ٿي، ان ڪري ان جو عرصو گهٽائڻ گهرجي“ ”امتحان بلڪل غير ضروري آهي.“ وغيره. بحث مباحثي مان ٻار متانت ۽ سنجيدگيءَ سان گفتگو ڪرڻ سکندا ۽ خيالن جي ڏي وٺ سان هنن جي نگاهه ۾ وسعت پيدا ٿيندي.

### سير و تفريح:

سير و تفريح ۾ نه رڳو وندر جو سامان ملي ٿو، دماغ

وڏائي ٿي، بلڪ هر ڪنهن شعبي جي ڪم اڪلائڻ ۾ سندس مددگار بڻجي ٿي. خيالات جي ادائگيءَ واسطي صرف عام ٻوليءَ تي ڪڙو هٿ ڪافي ناهي. جيڪڏهن ڪن ڏاهن جا قول يا ڪي ڏهڪندڙ شعر پنهنجي بيان ۾ شامل ڪيا، ته اهو اڃا زياده با مقصد ۽ پرڪشش ٿيندو. استاد ڪي گهرجي ته هر تقرير خواه بحث ۽ مضمون ۾ خيالن جي مناسبت سان موزون بيت ۽ اشعار شاگردن کي ٻڌائيندو ۽ ڪاپين ۾ نوٽ ڪرائيندو رهي. بهترائين آهي ته ڪن خاص خيالن ۽ نڪتن تي جدا جدا شاعرن جا شعر شاگردن کي لکائڻ کپن شعر يا نظم پڙهائيندي هم معني ۽ ساڳي مفهوم وارن بيتن جا مثال آسانيءَ سان ڏئي سگهجن ٿا، شاگردن ۾ شاعريءَ جي شناس ۽ ذوق پيدا ڪرڻ لاءِ استاد کي ڪي خاص تدبيرون اختيار ڪرڻ به ضروري آهن ان ۾ بيت بازيءَ جي چٽاڀيٽيءَ کي اختيار ڪري سگهجي ٿو شاگردن کي ڪي خاص موضوع يا نڪتا لکائجن، جن تي شاعرن جي ڪلام مان چوند بيت لکي اچڻ لاءِ چئجي يا ته وري شعري مقابلو ڪرائجي، جيڪو ٻن شاگردن درميان بيت بازيءَ تي مشتمل هجي. اول هڪڙو شاگرد ڪو بيت پڙهي، ٻئي شاگرد طرفان وري ان جي جواب ۾ اهڙو بيت پڙهيو وڃي جنهن جو پهريون اکر اهو ساڳيو هجي. جيڪو اڳ پڙهيل بيت جي آخر ۾ هو. اهڙيءَ طرح هي سلسلو هلندو رهي، جيڪڏهن ڪو فريق ان قسم جو شعر پيش نه ڪري سگهي ته ائين سمجهيو ته هو هارائي ويو.

## قلمي دوستي، انٽرويو ۽ آٽوگراف وٺڻ:

ٻارن کي معاشرتي آداب سيکارڻ، تعلقات وڌائڻ، منجهن صاف سٿرو علمي ذوق ۽ بلند خيالي پيدا ڪرڻ لاءِ هنن جي

مذاق مطابق، آکاڻيون، لطيفا، چونڊ شعر، نوان لفظ ۽ سهڻيون عبارتون لکي ايندا، جن کي گڏي ”ڪلاس رسالو“ ٺاهيو وڃي اهڙيءَ طرح شاگردن کي اگر ذاتي ڊائري لکڻ جي ترغيب ڏني ويندي ته هو ان مشغوليءَ مان به گهڻو لطف اندوز ٿيندا ۽ ان منجهان به هنن جي تحريري قوت کي هٿي ملندي. لئبرريءَ جي استعمال مان به شاگردن کي ڪيترا فائدا حاصل ٿين ٿا، جن جو تفصيلي ذڪر مطالعي واري باب ۾ اچي چڪو آهي.

باب ٻارهون

# سبق جو خاڪو

مقصد ۽ عنوان:- مقصد کان سواءِ ڪو به ڪم صحيح طور نباهي نٿو سگهجي. مقصد ڄاڻڻ بغير ڪو به قدم کڻڻ، اوندهه ۾ هٿوراڙيون هڻڻ جي برابر ٿيندو. سبق پاڙهڻ کان اڳ ۾ تدريس جو مقصد مقرر ڪرڻ نهايت ضروري آهي، ورنه استاد جي هرڪا ڪوشش لاحاصل ثابت ٿيندي. پرائمري ۽ ثانوي ڪلاسن ۾ مادري زبان جي تدريس جا مقصد اڳئي بيان ڪيل آهن، جن جو تت هيٺ ڏجي ٿو.

(۱) شاگرد صحيح زبان ڳالهائي سگهي.
(۲) شاگرد صحيح طور پڙهي سگهي.
(۳) شاگرد صحيح نموني سان زبان لکي سگهي.
(۴) شاگرد زبان ۾ تقرير ۽ تحرير سمجهي سگهي.
(۵) زبان ۾ مهارت حاصل ڪري، امتحان ۾ ڪامياب ٿي سگهي.
(٦) مضمون نگاري ۽ انشا پردازيءَ جو ڏانءُ اچڻ کپي.
(٧) تقرير ۽ مباحثو روانيءَ سان ڪري سگهي.

اهي ته ٿيا مادري زبان جي تدريس جا ڪي مقصد، پر اهي سڀئي ڳالهيون نه ته هڪڙي وقفي ۾ سيکاري سگهجن ٿيون ۽ نه وري هر ڪنهن "سبق" ۾ اهي سڀئي مقصد سمايل هوندا آهن. ڌار ڌار سبقن ۾ جدا جدا عنوان ٿيندا آهن ۽ هر سبق جو جزوي مقصد الڳ هوندو آهي. سبق عام طور تي ٽن قسمن جا ٿيندا آهن. ۱- معلوماتي ۲- مهارتي ۽ ۳- تاثراتي.

ڪلاس روم ۾ مختلف ڪڇندڙ قدمن جي ترتيب ۽ درجيبنديءَ جو تعين ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح سبق جي مشڪلاتن کان اڳواٽ واقف ٿي، انهن جو حل تلاش ڪري وٺي ٿو. خاڪي جو مقصد هوندو آهي ته وقت ۽ صلاحيت جو بهترين استعمال ڪري، جيئن سکيا مان سٺا نتيجا حاصل ڪري سگهجن. سبقي خاڪي مان تدريسي موضوع جون حدون مقرر ٿي وڃن ٿيون ۽ استاد ان ڳالهه جو فيصلو ڪري وٺي ٿو ته ڪهڙي موضوع لاءِ، هن کي ڪهڙو طرز عمل اختيار ڪرڻ جڳائي. انهيءَ ڪري خاڪي تيار ڪرڻ سان وقت ۽ محنت ضايع ٿيڻ جا امڪان گهٽ رهن ٿا. اڳ سيکاريل ۽ نئين سبق، ٻنهي جي وچ ۾ ربط قائم ٿي وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته تدريسي ٽيڪنڪ ۽ سکيا جي امدادي شين، جو استعمال ڪرڻ جو اڳواٽ فيصلو ڪري وٺجي ٿو، جنهن مان تدريس زياده دلچسپ ۽ اثرائتي بڻجي وڃي ٿي ۽ اهڙي طريقي سان استاد سبق کي پوري اعتماد سان پاڙهي سگهي ٿو.

سبق جو خاڪو هيٺين طريقي سان مرتب ڪيو وڃي:

# سبق جو خاڪو

١ـــ عنوان

٢ـــ مقصد

٣ـــ طريقا

٤ـــ امدادي شيون

٥ـــ رٿابنديءَ جو مجموعي طريقو

الفـــ ذهني آمادگي

بـــ يونٽ جو واڌارو (تدريسي قدم)

جـــ مشغوليون

دـــ جائزو

هـــ گهرو ڪم

## سنڌي نثر جو سبق

معلوماتي سبق:- انهن سبقن مان شاگردن کي آسپاس جي ماحول متعلق ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي. معلومات وڌڻ سان انساني ذهن جي نشوونما ٿئي ٿي. انهن سبقن جو مقصد هوندو آهي، ته شاگردن ۾ ذهني رد عمل پيدا ٿئي، جيئن هنن جو ذهن شين جي معنوي لاڳاپن کان واقف ٿي سگهي. لاڳاپن جي ڄاڻ جيترپقدر وڌندي، شاگردن جي معلومات ۾ به اوترپقدر اضافو ايندو. شاگرد انساني ماحول جي معلومات حاصل ڪرڻ سان گڏ، انساني تعلقات ۽ ماحول جا به ڪيترائي لفظ سکي وٺي ٿو، جنهن ڪري شاگردن جي لفظي ذخيري ۾ گهڻو اضافو اچي ٿو.

## سبقي خاڪو

ڪلاس ڇهون            موضوع سنڌي نثر (ڳهرو مطالعو)
عمر ١٠-١١ سال        سبق جو عنوان: ٻيلن مان فائدا
گهربل سامان:-
بورڊ، چاڪ، ڊسٽر، تصويرون
گهاٽي ٻيلي جي تصوير.

مقصد:

"ٻيلن مان فائدا" سبق اهڙيءَ طرح پڙهڻ، جو شاگرد.
(الف) سبق جي عبارت صحيح اُچارن سان پڙهي سگهن.
(ب) عبارت جو مفهوم سمجهي سگهن.
(ج) پنهنجي لفظي ذخيري ۾ اضافو آڻي سگهن.
(د) پاڻ ۾ مطالعي جو شوق پيدا ڪري سگهن.

اڳوڻي واقفيت:

شاگرد، وڻن ۽ ٻوٽن کان اڳيئي واقف آهن.

وڃي. ائين ڪرڻ سان سبق جو مفهوم خود بہ خود واضح ٿيندو هلندو.

(٢) ان کان پوءِ ڪنهن شاگرد کان عبارت پڙهائجي. پڙهائيءَ دوران غلط اُچارن ڪيل لفظن کي بورڊ تي لکندو رهجي. سبق پوري ٿيڻ بعد تلفظ جي اصلاح لاءِ قدم کنيو وڃي. هيٺ ڄاڻايل لفظن ۾ غلطين ٿيڻ جو امڪان آهي، جيڪي شاگرد صحيح طور پڙهي نہ سگهندا.

آٿاهہ - لئي - مڇ - بسي ۽ ٻني - سرن، ڏلها ۽ سگهہ.

انهن اُچارن جي اصلاح بورڊ تي ڪرڻ کپي. انهن حرفن تي خاص طور اعرابون ڏنيون وينديون، جتي ڪا غلطي ٿي وئي هجي

## (ب) مشغوليون:

عبارت خوانيءَ کان پوءِ هيٺين سوالن مان شاگردن کان عبارت جو مفهوم ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي ۽ جنهن ۾ ضرورت ۽ موقعي آهر ڪن تصويرن جو استعمال بہ لازمي طور ٿيندو.

١- ٻيلا زرعي زمينن کي زرخيزيءَ ۾ ڪيئن ٿا مددگار ٿين؟
٢- ٻيلن مان ڪهڙن ڪهڙن قسمن جو ڪاٺ ملندو آهي؟
٣- غريب ماڻهو پڪا ۽ ڏوڏا ڇا مان ناهيندا آهن؟
٤- چراگاهہ ڇا کي چئبو -آهي؟
٥- سرن ۽ ڪانن مان ڇا ڇا ناهيو ويندو آهي؟
٦- ٻيلا ٻوڏن کي ڪهڙيءَ طرح ٿا روڪين؟
٧- هيٺين ڏکين لفظن جي معنيٰ ڪيرائي ويندي:

زرخيري - اجڙيل - بحال رکڻ - بيشمار - بخار - پٽ ۽ ٻوڏا.

٣- ھيٺين اصطلاحن جي تشريح ۽ مفھوم شاگردن کان ڪڍايو ويندو:
ڇيڪ چرڻ - مڇي مواڙ ٿيڻ - ذڪار ترڻ.
٤- ھيٺين لفظي بناوتن جا نحوي ۽ صرفي نڪتا شاگردن کي سمجھايا ويندا:
ڊرتيءَ جا زيور، بچاءُ بند، پرڏيھي ناٺو، گذربسر

## (ث) جائزو:

١- شاگردن کان سبق جي خاموش خواني ڪرائي ويندي.
٢- ٻن ٽن شاگردن کان سبق جو خلاصو بيان ڪرايو ويندو.
٣- ڏکيا لفظ ۽ اصطلاح شاگردن کان جملن ۾ استعمال ڪرايا ويندا. ڇيڪ چرڻ - مڇي مواڙ ٿيڻ زرخيزي بحال رکڻ وغيره.
٤- چند شاگردن کان پڙھيل سبق فرداً فرداً پڙھايو ويندو.

## گھر جو ڪم:

شاگردن کي ”ٻيلن مان فائدا“ تي ھڪ مختصر مضمون لکي اچڻ لاءِ چيو ويندو.

## سنڌي نظم جو سبق

نظم جي سبق جا ٻه پاڳا ٿين ٿا. ١- نظم جي مفھوم جي تشريح ٢- نظم جي تاثرات مان لطف اندوزي، پر نظم مان لطف اندوز ٿيڻ ايستائين ممڪن ناھي، جيستائين شاگرد ان جو مطلب نه سمجھن ۽ سندن واٽ مان ڏکين لفظن جون دقتون دور نه ٿي وڃن. ان ڪري پھرين نظم جو مفھوم سمجھائڻ گھرجي، ان کان پوءِ نظم جون لساني ۽ شعري وصفون ٻڌائي

شاگردن ۾ ذوق جي تربيت ڪرڻ گهرجي، جيئن صحيح طور تي نظم مان لطف اندوز ٿي سگهن، ان ڪري عملي سبق ۾ ٻئي ڳالهيون هئڻ گهرجن، ڇو ته سبق جو خاص مقصد آهي ته شاگرد مادري ٻوليءَ ۾ دلچسپي وٺن.

## سبقي خاڪو

ڪلاس ناڙون — موضوع، سنڌي نظم

عمر ۱۳-۱۴ سال — سبق جو عنوان "نظم"

شاعر: محمد صديق مسافر

### گهربل سامان:

بورڊ، چاڪ، ڊسٽر، تصويرون

(وسندڙ مينهن جو ڏيک، اپريل ساوڪ ۽ سرسبزيءَ جو نظارو، ندين ۽ نين ۾ اٿل، آسمان ۾ ڪڪرن ۽ ڪنوڻين جو ڏيک)

### مقصد:

(الف) "مسافر" جو نظم اهڙيءَ طرح پاڙهڻ، جو ان جو مفهوم شاگردن تي ذهن نشين ٿي وڃي. (ب) شاگرد نظم جي استعارن، تشبيهن، تخيل ۽ زبان مان لطف اندوز ٿين. (ث) شاگردن جو مادري ٻوليءَ ۾ گهڻو چاهه پيدا ٿئي.

### تعليمي طريقو:

مٿين مقصدن کي مدنظر رکندي، انهن جي تڪميل خاطر هيٺيون طريقو اختيار ڪرڻ گهرجي:

(۱) نظم جي شعرن کي سرائتي ڍنگ، صحيح ۽ اثرائتي پيرائي ۾ پڙهڻ جو طريقو سمجهائڻ، غلط اچارن جي اصلاح ڪرڻ شعرن جي مفهوم تي سوال پڇڻ، ڏکين لفظن جي معنيٰ ڪيائڻ.

### اڳوڻي واقفيت:

شاگرد مينهوڳي جي موسم جي منظر کان اڳيئي واقف آهن، گرميءَ ۾ تکي اس، گرم هوائون لڳنديون آهن، مينهوڳيءَ کان پوءِ چوڌاري ٿڌڪار ٿيندي آهي. هنن کي خبر آهي ته ان وقت فضا ۾ ڪهڙي رونق ايندي آهي. ندين ۽ واهن ۾ پاڻي آٿلي ايندو آهي ۽ هاري ناري ۽ ٻيا ماڻهو خوش نظر ايندا آهن.

### چڪاس:

ان اڳوڻي معلومات کي جانچڻ لاءِ هيٺيان سوالات ڪر ڪرڻ گهرجن، جيئن شاگردن جي معلومات تازي ٿئي ۽ نئين سبق سان ذهني ڳانڍاپو ٿئين.

### امڪاني جواب

| | |
|---|---|
| ١- گرميءَ جي مند ۾ ماڻهو برسات کي ڇو چاهيندا آهن؟ | گرمي گهٽجي ٿي ۽ ٿڌڪار ٿئي ٿي. |
| ٢- برسات ۾ ڪهڙا نظارا ڏسبا آهن؟ | ڪڪر ڏسبا آهن، وڄ چمڪندي آهي ۽ گجگوڙ ٿيندي آهي. |
| ٣- برسات جي مند کي ٻين ڪهڙن نالن سان سڏبو آهي؟ | ساوڻ، وسڪارو ۽ سارنگ وغيره. |

مينهن پوڻ کان اڳ گرميءَ جي موسم، تپش، لڪون، ماڻهن جي بيحالي، برسات ڪانپوءِ ندين واهن جي آٿل، ساوڪ ۽ گلزاريون، ماڻهن جي خوشحالي ۽ وڻن ٽڻن ۽ باغن جي رونق.

## مقصد:

اسم خاص ۽ عام ۾ فرق معلوم ڪرڻ ۽ ان لاءِ استعمالي مشق جي زبان جي صحت ذهن نشين ڪرائڻ ۽ ان ۾ دلچسپي پيدا ڪرڻ.

## تعليمي طريقو:

هن ۾ استقرائي طريقو استعمال ڪيو ويندو يعني تمام چالو مثالن مان اسم عام ۽ اسم خاص جي وچ ۾ فرق سمجهايو ويندو ۽ ان بابت مشقون ڪرايون وينديون.

## اڳوڻي معلومات:

شاگرد اسم ۽ فعل کان اڳيئي واقف آهن ۽ اها به ڄاڻ اٿن ته جملو ڇا ٿيندو آهي.

## ڇڪاس:

هيٺيان جملا بورڊ تي لکيا ويندا.

(۱) ڇوڪر راند ڪيڏي رهيو آهي.

(۲) هن شهر مان سائيڪل آندي.

(۳) دريا سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو.

ان کانپوءِ اڳوڻي معلومات جي ڇڪاس لاءِ شاگردن کي چيو ويندو ته هو انهن جملن کي پڙهن ۽ انهن مان اسم ۽ فعل ڳولين.

## تدريسي قدم:

ان بعد هر جملي بابت هيٺين طرح سان بحث ڪيو ويندو.

(۱) پهرين جملي مان مراد ڪهڙي ڇوڪري جي آهي؟ ڪنهن به ڇوڪر جو نالو ورتل ناهي ۽ نه ڪنهن خاص ڇوڪر

لکيل آهن يا نہ؟ شروعات ۽ پڇاڙي صحيح آهن يـا نہ؟ خط جو مضمون مطلب تہ پورو اثري ٿـو؟ ان کان سواءِ تهذيب ۽ آداب، خيالن جي ترتيب اسلوب ۽ جاذبيت وغيره کانسواءِ هجي ۽ عبارت تي بہ نظر رکڻ ضروري آهي.

## سبقي خاڪو

کلاس ستون موضوع: سنڌي خط نويسي

عمر ١٢-١٣ سال

**عنوان:**

دوست ڏانهن خط لکو تہ "اسان جو اسڪول هر لحاظ کان سٺو آهي، توهان بہ ڪوشش ڪري ان اسڪول ۾ داخل ٿيو."

**گهربل سامان:** بورڊ، چاڪ، ڊسٽر، چارٽ، پوسٽ ڪارڊ ۽ لفافو.

**مقصد:**

١- دوست کي خط لکڻ، جنهن ۾ اسڪول جي خوبين جو ذڪر هجي ۽ اها صلاح ڏنل هجي تہ هو بہ ساڳي اسڪول ۾ داخلا وٺي.

٢- سٺي خط لکڻ جـون خوبيون پيدا ڪرڻ ۽ وڻندڙ پر لطف ٻوليءَ ۾ خيالن جي اظهار جي سگهيا ڏيڻ.

٣- تخليقي اظهار جي قوت پيدا ڪرڻ.

**چڪاس:**

هيٺ ڄاڻايل سوالن مـان خط نويسيءَ بابت شاگردن جي معلومات جي چڪاس ورتي ويندي.

١- توهان ڪڏهـن پنهنجي مائٽ يـا دوست کي خط لکيو آهي؟

٢- پنهنجي چاچي کي لکڻو هجي ته ان جي شروعات ڪيئن ڪندا؟

٣- خط جي آخر ۾ ڇا لکندا؟

٤- پنهنجي گهر جو پتو، خط ۾ ڪهڙي جاءِ تـي ۽ ڪهڙيءَ طرح لکندا؟

٥- خط ۾ اصلي مدعا ۽ مطلب لکڻ کان سواءِ ٻيو ڇا لکڻ ضروري آهي؟

## خاص نڪتا سمجهائڻ:

مٿين سوالن جي جوابن کان پوءِ شاگردن کـي هڪ چارٽ ڏيکاريو وڃي، جنهن ۾ پوسٽ ڪارڊ ۽ لفافي جي تصوير هجي، جنهن جي ذريعي اها ڳالهه سمجهائي وڃي ته خط ۾ سرنامي لکڻ جو صحيح طريقو ڪهڙو آهي. ان کان پوءِ چارٽن ذريعي شاگردن کي ٻن قسمن جي خطن ڏانهن ڌيـان ڏياريو وڃي، جن ۾ هڪ خط درست انداز ۾ لکيل هوندو ۽ ٻيو هر لحاظ کان اڻنگو ۽ ردي پر موضوع ٻنهي جو ساڳيو هوندو.

## خراب خط جو نمونو:

جولاءِ ٨-٨٠

خدمت ۾ جناب دوست صاحب

بعد سلامن جي لکجي ٿو تـه هت سڀ خير آهـي ۽ اوهان ڏانهن به خير هوندو. توهان جو خط مليو ۽ توهان جي پاس ٿي وڃڻ جي مون کي ڏاڍي خوشي ٿـي آهـي. منهنجي طرفان مبارڪ ڪبول ڪندا ۽ سڀني پاتين کي دعائون سلام چوندا.

توهان جو دوست غلام نبي.

## ھوزون ۽ سٺي خط جو نمونو:

ڪمرو نمبر ٢٤- مسلم هاسٽل
حيدرآباد سنڌ
٢٥ جولاءِ ١٩٨٠

منهنجا پيارا دوست!

السلام عليڪم،

توهان جو نوازش نامو مليو، مون کي پڙهي سچ پچ ته ڏاڍي خوشي ٿي. ڏٺي سڳوري جا لکين شڪرانا، جو اوهان امتحان ۾ شاندار ڪاميابي حاصل ڪئي آهي، جنهن جا توهان بلڪل لائق هئا. توهان جهڙا محنتي هميشه سرخرو ٿين ٿا ۽ پنهنجو ۽ پنهنجي والدين، اسڪول جو نالو روشن ڪن ٿا. توهان جو پڙهائيءَ ۾ چڱو چاهه ڏسي پڪ اٿم ته زندگيءَ ۾ اڃا گهڻيون ڪاميابيون ڏسندا. منهنجي طرفان دلي مبارڪ قبول ڪندا. بابا ۽ ادا جن توهان جي خبر ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ توهان کي گهڻا سلام ۽ پيار چيا اٿن.

هاڻي ته توهان کي نتيجي جي ڳڻتي به لٿي، حيدرآباد ڪڏهن ايندا؟ توهان جو وعدو هو. اهو واعدو هاڻ پورو ٿيڻ کپي، پنهنجي سڀني عزيزن ۽ بزرگن کي منهنجي پاران سلام ۽ مبارڪون ڏيندا.

اوهان جو مخلص دوست،
رحمان.

## خط جون خوبيون ذهن نشين ڪرائڻ:

شاگردن کي چئجي ته آهي ئي خط پڙهي ٻڌائين ته ڪهڙو خط صاف ۽ سهڻو آهي ۽ ڇو؟ اهڙيءَ طرح سٺي خط جي خراب خط سان ڀيٽ ڪري، خوبيون بورڊ تي لکيون وڃن.

١- سرو درست آهي:- [خط جو هنڌ ۽ تاريخ جي لکڻ جي جاءِ ۽ طريقو صحيح آهي.]

٢- خطاب ۽ القاب مناسب:- [درجي جي حيثيت جي لحاظ کان مخاطب لاءِ لفظ موزون آهن.]

٣- شروعات درست آهي:- [انداز بيان جي لحاظ کان خط جي شروعات صحيح آهي.]

٤- مضمون درست آهي: [ٻولي جي قاعدن، لفظن جي چونڊ هجي، اسلوب ۽ دلچسپي ۽ مطلب جي وضاحت جي لحاظ کان مضمون بلڪل درست آهي.]

٥- پڇاڙي صحيح ڪيل آهي:- آخرين جملا خط جي پڇاڙي سهڻي نموني ڪن ٿا.

صورت خطي ۽ اکر سهڻا ۽ سنا آهن.

## سبق جو اعلان:

مٿين بحث کان پوءِ شاگردن کي چئو ويندو ته هو سٺي خط جون خوبيون ڏيان ۾ رکي پنهنجي دوست کي هڪڙو خط لکن، جنهن ۾ پنهنجي اسڪول جون خوبيون ٻڌائي کيس صلاح ڏني وڃي ته هو به ساڳي اسڪول ۾ داخلا وٺي.

## تدريسي قدم:

مضمون جا خاص نڪتا ظاهر ڪرڻ:- خط لکڻ جو طريقو زباني ڪيائڻ کان سواءِ، خط جي موضوع ۽ مطلب بابت شاگردن کان هيٺيان نڪتا سوالن ذريعي ڪيرايا وڃن.

## اسڪول جون خوبيون

عمارت سٺي، ماحول يا پسگردائي سٺي، استاد آزمودگار، شفيق ۽ مهربان. ٻين تعليمي ادارن کي نزديڪ هئڻ جو فائدو. صحت جو خيال، نتيجا سٺا، مفيد غير نصابي شغل، صفائي عمدي. نظم ۽ ضبط سٺو. تعليمي سامان شاندار، هاسٽل ۾ قيام ۽ طعام جو سٺو انتظام وغيره.

### تڪريري قدم:

ان کان پوءِ شاگردن کي چئجي ته هو پنهنجي خيالن کي اهڙيءَ ريت بيان ڪن، جو اُن کي سٺو ۽ دلچسپ خط چئي سگهجي.

### اصلاح ۽ تبصرو:

شاگرد خط لکڻ ۾ مصروف هوندا. استاد ڪلاس ۾ چڪر ڏيندي، انهن جي غلطين ڏانهن توجه ڪندو. انفرادي غلطيون انفرادي طور درست ڪرايون وينديون، پر جيڪي مشترڪ غلطيون هونديون، تن جي اصلاح بورڊ تي ڪئي ويندي، جيئن سڀئي شاگرد سکي سگهن. آخر ۾ ٻن ٽن شاگردن کان لکيل خط پڙهائي، انهن تي مختصر تبصرو شاگردن جي مدد سان ڪيو ويندو ۽ غلطيون درست ڪيون وينديون. ڪلاس جي شاگردن جون ڪاپيون گڏ ڪري رکنديون وينديون ۽ فراغت جي وقت ۾ انهن ۾ ڪيل غلطين جي درستي ڪئي ويندي.

ثابت ٿيندو، جڏهن جائزي جو عمل لاڳيتو رهي. (٢) ڪلاس درس تدريس جي پروگرام جو لازمي حصو هئڻ گهرجي. (٣) جائزو يا ڪلاس عملي اشتراڪ جي اصولن سان ٻڌل هجي. (٤) جائزي مان استاد جو ڪردار نمايان ٿئي ٿو. (٥) جائزي جو استعمال مقصد جي روشنيءَ ۾ هئڻ گهرجي. (٦) جائزي يا ڪلاس لاءِ وقت به وقت مختلف طريقا آزمائڻ ضروري آهن.

## باب چوڏهون

# سنڌي ذريعہ تعليم جي واڌاري ۾ چند رڪاوٽون ۽ انهن جو سدباب

جيتوڻيڪ سنڌي ذريعہ تعليم کي ابتدائي ۽ ثانوي اسڪولن ۾ ڪاميابيءَ سان آزمايو ويو آهي، تاهم ان جي واڌاري ۾ سردست اچا بہ ڪي رنڊڪون نظر اچن ٿيون، جن جو سدباب ڪري، مستقبل ۾ تعليمي ميدان ۾، سنڌي زبان جي ترقيءَ جي راهہ کي زياده هموار بڻائي سگهجي ٿو.

شاگردن جو وڏو تعداد پنهنجي مادري زبان ذريعي تعليم حاصل ڪري رهيو آهي ۽ ٻيا سڀ مضمون ان ذريعي پاڙهيا وڃن ٿا. ان ڪري سنڌي ٻولي خود بہ هڪ "مکيہ مضمون" جي حيثيت رکي ٿي. دراصل هر علم کي ڪاميابيءَ سان پاڙهڻ جو دارومدار صرف ان جي دسترس تي منحصر آهي. جيستائين "استاد" کي سنڌيءَ تي مڪمل دسترس حاصل نہ هوندي، تيستائين هو پنهنجو ڪو بہ "مضمون" شاگردن کي ذهن نشين ڪرائي نہ سگهندو، ساڳيءَ ريت جيڪڏهن شاگردن ۾ پوريءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جي پڙهڻ لکڻ جيتري صلاحيت پيدا ٿي نہ سگهي تہ هو خيالن ۽ جذبن جو صحيح طور اظهار پنهنجي تحرير ۽ تقرير ۾ هرگز ڪري نہ سگهندا. سنڌيءَ ذريعي جيڪڏهن هر قسم جي تعليم کي جاري رکيو آهي تہ پوءِ ان جو صحيح استعمال بہ اچڻ کپي. دراصل ڪنهن بہ زبان جي سکيا جو ڪم ابتدائي تعليم کان شروع ڪيو آهي. ساڳيءَ

ڏينهون ڏينهن، اڳا وڌندڙ آهي، جيڪڏهن اسين چاهيون ٿا ته هر ميدان ۾ سنڌي تعليم ڪارگر ۽ اثرائتي ٿئي ته هڪ قديم ۽ جديد لفظن جي مستعمل لغت ڪانسواءِ پيا امدادي ڪتاب به ميسر ڪرڻا پوندا تعليمي بورڊن ۽ ادارن کي ان سلسلي ۾ قدم وڌائڻ کپي، جيئن ٻوليءَ جي سکيا آسان بڻجي سگهي ۽ استاد توڙي شاگرد ان مان پاڻمرادو استفادو حاصل ڪري سگهن.

پورو ٿيو

# انمول تجويز

يادگار پبلشرز جا
ڪامياب رهبر اوهانجي يقيني ڪاميابي
جي ضمانت آهن جيڪي تعليم جي ماهرين ۽
تجربيڪار استادن جي محنت جو قيمتي سرمايو آهن
اسانجي اداري اوهانجي آسانيءَ لاءِ سڀني مضمونن
يعني سنڌي، رياضي، سماجي اڀياس، سائنس، عربي
دينيات ۽ انگريزي جا رهبر شايع ڪيا آهن
جيڪي
سنڌ جي سڀني ڪتاب فروشن وٽ دستياب آهن
رهبر خريد ڪرڻ وقت
اوهان هن ڳالهه جي پڪ ضرور ڪندا ته هي
سنڌ جي مشهور ۽ معروف اداري جا
شايع ڪيل آهن
جيڪي يقيني اوهانجي ڪاميابي
جي ضمانت آهن

## يادگار پبلشرز

يادگار لين حيدرآباد

| دفعو | تعداد | قيمت |
|---|---|---|
| پهريون | هڪ هزار | 12.00 |

# پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ڀاڙي، ڪاڙُو، ڀاڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ-

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَڙهَ سيني کي **چوڻ، چالاڪ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)